# سنڌي رسالن جي تاريخ

(١٨٩٠ع کان ١٩٨٠ع تائين)

الهرکيو بٽ

سنڌ پبلشرس پوسٽ باڪس نمبر - ٥٨ - حيدرآباد

سنڌي رسالن جي تاريخ
الهرکيو بٽ

# سنڌي رسالن جي تاريخ

(۱۸۹۰ع کان ۱۹۸۰ع تائين)

الهرکيو ٻٽ

سنڌ پبلشرس پوسٽ باڪس نمبر - ۵۸ - حيدرآباد

# سنڌي ساهت سال ١٩٨١

جملي حق ۽ واسطا مصنف وٽ محفوظ

ڇاپو پهريون]                [تعداد هڪ هزار

جولاءِ ١٩٨١ع مطابق رمضان المبارڪ ١٤٠١هه
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت:- ١٥-٠٠ رپيا

## درستي

"منزل" هالا آڪٽوبر ١٩٥٠ع کان جاري ٿيو. (ص ٧٨)
باب ٽيون جي بجاءِ باب چوٿون (ص ١١١)

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هي ڪتاب انڊس پرنٽرس ۾ مطيع الرحمان ڇپيو ۽ گل شير بلوچ
ڊائريڪٽر سنڌ پبلشرس، ايچ-سي-بي- ١٨١٦، ممتاز ڪالوني حيدرآباد
مان پڌرو ڪيو.

# انتساب

وقت کان اڳ وڇڙي ويل

ڏاڏ ۽ پيءُ جي ياد ۾

# ناشر طرفان

سنڌي ادب ۾ هڪ ست جو به وڏو مان ۽ مرتبو آهي. اسان ان جذبي تحت سنڌ پبلشرس جو ادارو قائم ڪيو آهي، جنهن طرفان هن کان اڳ ٽي ڪتاب ڇپائي چڪا آهيون، جن ۾ محترم الهرڪئي پٽ جو ”سنڌ ۾ ڪتب خانن جي مختصر تاريخ“ نالي ڪتاب به شامل آهي. انهيءَ جذبي تحت هي تحفو جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي، اهو به ان سلسلي جي ڪڙي آهي. اسان اوهان کي هن ڪتاب جي صورت ۾ ڇا ڏنو آهي، ان جي ڪٿ ڪرڻ اسان لاءِ ڏکي آهي ڇاڪاڻ ته ادبي دنيا ۾ نئون نئون قدم رکيو اٿئون. اسان کي اهو به معلوم آهي ته هن ڪتاب ۾ ضرور ڪي اوڻايون هونديون ان هوندي به اسان وس کان ڪين گهٽايو آهي.

ڪنهن به سنڌي ڪتاب کي ڇپائڻ ۽ ان جي هلائڻ ۾ ڪافي دشواريون سامهون اچن ٿيون. اهو هر ادب دوست بخوبي ڄاڻي ٿو، پوءِ به اسان مايوس نه آهيون، انهن ڏکن ۽ تڪليفن کي منهن ڏيڻ جو عزم ڪري سنڌي ادب جي گهڻگهرن اڳيان هي تحفو پيش ڪري رهيا آهيون، جنهن جو فيصلو اوهان کي ئي ڪرڻو آهي.

گل شير بلوچ

۲۳-۷-۱۹۸۱ع

تي. تحقيق جي ڏس ۾ بہ ڪوڙ شور ڪونہ ڪيائين. ماٺ ساٺ ڪري بہ ڪتاب لکي ڇپائي ڇڏيائين. نہ علمي اُدبي جلسي جي صدارت جي ڪرسي نہ اعلان بازي، نہ ڇاڙي هڻڻ، بس ڪم سان ڪم. ڪو ڪم ڪي ڳائي تہ انهيءَ جو بہ خير، ڪو ويهي ڪتاب جي ڳلا ڪريس تہ انهيءَ جو بہ خير. طبيعت ۾ بہ صلح ڪُل، ريسرچ ۾ بہ صلح ڪل تہ سبجيڪٽ بہ اٿس صلح ڪل. مواد ڏيکارڻ الهرڪئي پٽ جو ڪم آهي، انهيءَ جي سٺي يا خراب، صحيح يا غلط هڻڻ جي سوال تي هڪ ٻئي جا مٿا ڦاڙڻ ٻين محققن جو ڪم آهي.

عبدالقادر جوڻيجو

هجڻ جو ثبوت ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي. هونئن به ڏٺو وڃي ته مختلف سببن جي ڪري سراسري طور سنڌي رسالي جي عمر هڪ مهينو مس ٿي بيهي. عام طور هر هڪ اٺين پيو چوي ته سنڌين کي پنهنجي ٻولي ۽ ادب لاءِ ڪو به آنس ڪونهي. ان سلسلي ۾ هو اهو مثال پيش ڪن ٿا ته ڪو به سنڌي اشاعتي ادارو، رسالو يا ڪتابي سلسلو ڪو خاص وقت پنهنجي پيرن تي بيهي نه سگهيو آهي. اها حقيقت آهي يا الزام! وقت ان جو فيصلو ڪندو. مگر ڪروڙ کان به مٿي آباديءَ ۾ ڪتاب ۽ رسالي جون هڪ هزار ڪاپيون نه هلي سگهن، هڪ افسوسناڪ تشويشناڪ ۽ سنجهائيندڙ معاملو ضرور آهي. ان سلسلي ۾ هن وقت عملي قدم جي سخت ضرورت آهي. باقي ڳالهيون ته تمام گهٽيون پيون ٿينديون آهن.

جن سڄڻن منهنجي اخلاقي ۽ مادي مدد ڪئي آهي، تن جي شڪرگذاري لاءِ به اکر نه چوڻ فرض ۾ ڪوتاهي ٿيندي. آئون نهايت شڪرگذار آهيان پنهنجي پياري دوست مرحوم مائيٽي اوڦي جو، جنهن هن ڪتاب جي مسودي جو گهڻو حصو فيئر ڪيو. ڪيس هن ڪتاب جي ڇپجڻ جي ڏاڍي حسرت هئي. آئون نهايت ٿورائتو آهيان سائين ظفرحسن جو، جنهن ڪتاب جو مسودو نظر مان ڪڍيو ۽ مفيد مشورا ڏنا. آئون سائين منصور ويرا ڳيءَ جو به تهدل شڪرگذار آهيان ۽ پنهنجي مهربان ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ سنڌالاجي لائبرريءَ جي هر ڪارڪن جو جن منهنجي هر ممڪن مدد ڪئي ۽ گڏوگڏ پروفيسر زيب ڀٽيءَ جو به ٿورائتو آهيان جنهن پنهنجي ذاتي لائبرريءَ مان ڪافي رسالا منهنجي حوالي ڪري ڇڏيا، سندس عنايت ڪيل رسالن جي معلومات کان سواءِ هي ڪتاب اڌورو ٿئي ها.
آئون پنهنجي دوستن خان محمد پنهور، بشير احمد ميمڻ، گل شير بلوچ ۽ محمد شفيع بروهيءَ به شڪر گذار آهيان جن منهنجو هر ممڪن ساٿ ڏنو. سائين عبدالقادر جوڻيجي جا ٿورا نه ٿورا

جنهن هن ڪتاب تي مهاڳ لکيو. آئون انڊس پرنٽرس حيدرآباد جي مالڪ جناب مطيع الرحمان صاحب ۽ محترم محمد حسن بلوچ جن جو شڪرگذار آهيان، جن هن ڪتاب جي ترت ڇپائي ۾ خاص دلچسپي ورتي آهي.

الهرکيو پنٽ

۲۰- جولاءِ ۱۹۸۱ع

-✱-

# فهرست

باب پهريون :- رسالي جي وصف ۽ تاريخ
باب ٻيو :- ورهاڱي کان اڳ نڪتل رسالا
متفرقه معلومات
باب ٽيون :- ورهاڱي کان پوءِ نڪتل رسالا
ضميمو
باب چوٿون :- ڪتابي سلسلا
باب پنجون :- تعليمي ادارن پاران نڪتل مخزن
باب ڇهون :- هندستان مان نڪتل رسالا
انڊيڪس
ببليوگرافي

# باب پهريون

## رسالي جي وصف ۽ تاريخ

·(الف) **وصف:** رسالو يا مخزن لائبرريءَ جي اهم مواد ۾ شامل آهي. فيروزاللغات اردو جامع مطابق لفظ مخزن جي معنيٰ خزاني جي جاءِ، گودام، ذخيرو، اسٽور ۽ جمع ڪرڻ جي جاءِ ورتي ويئي آهي. مخزن عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي (١) ۽ معلومات جي خزاني يا ذخيري جي مفهوم ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. تعليم، تدريس ۽ تحقيق جي سلسلي ۾ نئين معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ رسالا اهم ذريعو ۽ نت نئين معلومات جو خزانو آهن.

عام استعمال ۾ رسالو (Periodical) لائبرريءَ جي اهڙي ڇپيل مواد کي چيو وڃي ٿو، جيڪو متواتر (regular) يا غير متواتر (Irregular) وقفي کان پوءِ شايع ڪيو وڃي ٿو ۽ ان جي هر نمبر کي الڳ ۽ منفرد حيثيت هوندي آهي. رسالي ڇاپڻ جو عمل خاص مقرر ٿيل عرصي کان پوءِ دهرايو وڃي ٿو ۽ ان کي بند ڪرڻ جو اڳواٽ ڪو ارادو ڪيل نه هوندو آهي.

رسالا گهڻو ڪري هفتيوار، پندره روزه، ماهوار، ٽماهي ۽ ساليانو هوندا آهن. رسالي جو مواد ڪتاب جي مواد کان وڌيڪ بهتر حالت ۾ هوندو آهي، ڇو ته رسالو متواتر ڪڍيو وڃي ٿو ۽ ان ۾ نئين نئين معلومات ڏني وڃي ٿي. ڪتاب ڪنهن

---

(١) فيروزالدين، مولوي الحاج (مؤلف) فيروزاللغات اردو جامع. پشاور: فيروز سنز، ١٩٦٨ع ص ١٠٦٣.

۾ نڪل رسالا ڪٿائي سگهجن ٿا.

موجوده دور ۾ نڪرندڙ چند رسالن جن کي بين الاقوامي اهميت ۽ شهرت حاصل آهي، تن جا نالا ڳڻائڻ دلچسپي کان خالي نه ٿيندو. اهڙن رسالن ۾ ١٩٢٢ع کان نڪتل ماهوار ريڊرس ڊائجسٽ، ١٩٢٣ع کان نڪتل هفتيوار ٽائيم، ١٩٣٣ع کان نڪتل هفتيوار نيوزويڪ، ١٩٣٦ع کان نڪتل هفتيوار لائيف، ١٩٣٧ع کان نڪتل پندره روزه لڪ (Look)، ١٨٢٢ع کان نڪتل ماهوار مرر (Mirror)، ١٩٦٦ع کان نڪتل ماهوار اسپوٽنڪ (Sputnik) وغيره شامل آهن. ترقيءَ جي هن تيز رفتار دور ۾ هر ملڪ مان مختلف موضوعن تي، مختلف طبقهءِ فڪر ۽ عمر جي پڙهندڙن لاءِ بي انداز رسالا نڪري رهيا آهن، انهن جي ڪثرت جو اندازو هيٺين ٻن مثالن مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو ته جپان مان اهڙن قسمن جا پنج هزار ۽ جرمنيءَ مان چار هزار رسالا نڪري رهيا آهن (١).

## (ت) سنڌي رسالن جي ابتدا ۽ ارتقا:

سنڌي هڪ قديم ٻولي آهي ۽ سنڌس ادب جو دائرو به نهايت وسيع آهي. سنڌ جي قديم تهذيب ۽ تمدن دنيا جي قديم تهذيبن سان ڪلهو هڻندڙ آهي. سنڌ جو تمدن خاموش قديم دڙن هيٺان پوريل آهي ۽ اهي دڙا مهراڻ جي ٻنهي ڪپن تي موجود آهن. اهڙيءَ طرح سنڌ جي ٻولي ۽ ادب جي قدامت جو اڃا فيصلو ٿي نه سگهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ نثر نويسي جي ابتدا جو سمو به مقرر ٿي نه سگهيو آهي. عربن جي اچڻ کان اڳ ڪهڙي ٻوليءَ ۾ لکيو ويندو هو ۽ ان جي شڪل صورت ڪهڙي هئي جو به فيصلو نه ٿي سگهيو آهي.

عربن جي دور حڪومت ۾ عربي ۽ پوءِ فارسي هن ملڪ

(1) Encyclopedia Britannica, vol. 17. Chicago: Encyclopedia Britannica, Inc., 1967, pp. 611-615.

جي دفتري ۽ سرڪاري زبان هئي. ملڪ جا باشندا بہ انهن ٻولين ۾ لکندا ۽ پڙهندا هئا. سنڌي ادب جو بنياد وجهندڙ ابوالحسن کي ٻڌيو وڃي ٿو. ابوالحسن اڍائي ٽي سو ورهيہ اڳ پارسي ڇڏي سنڌي ڪتاب لکيا. ابوالحسن ۽ ان کان پوءِ ٿِن حڪومتن ۾ سوين تاريخون، قصا ۽ مذهب جا اصول وغيره سڀ ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ لکيا ويا. ارغونن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جو زمانو ختم ٿي ويو، پر ابوالحسن جي سنڌيءَ رخ نہ بدلايو، ان جو مکيہ سبب اهو هو جو حڪومت جي دفتر جي ٻولي پارسي هئي.

ميرن جي حڪومت کان پوءِ سنڌي علم ادب لاءِ نئون دور شروع ٿيو. موجوده سنڌي نثر برطانيہ حڪومت جو پوکيل سلو آهي، جو پوءِ وڌي وڻ ٿيو. انگريزن جي آئي جلد دفتر جي ٻولي سنڌي ٿي. نوڪريون بہ سنڌي ڄاڻن کي ملڻ لڳيون. ملازمت ۾ مقرري لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪرڻ لازمي قرار ڏنو ويو. اهڙيءَ طرح سنڌي ادب لاءِ سٺائو واءُ لڳڻ شروع ٿيو.

سال ١٨٥١ع ۾ بارٽل فريئر سنڌ جو ڪمشنر مقرر ٿي آيو تہ سنڌي ٻولي ۽ ادب کي اڃا بہ وڌيڪ هٿي ملي. ١٨٥٣ع ۾ گهٽي ڇڪتاڻ کان پوءِ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن جي فيصلي موجب سنڌيءَ جي موجوده ٻاونجاه اکرن واري عربي لپي نهي راس ٿي ۽ سنڌي ٻولي سرڪاري ڪاروبار ۽ رڪارڊ ۽ تعليمي ادارن ۾ استعمال ٿيڻ لڳي. ڪيترا اسڪول ڪليا ۽ سرڪاري ۽ خانگي سطح تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿيا. سرڪاري ۽ خانگي سطح تي پريسون قائم ٿيون. سنڌي ڪتابن سان گڏ سنڌيءَ ۾ اخبارون ۽ رسالا بہ

ڇپجڻ شروع ٿيا (١).

سال ١٨٥٨ع ۾ سنڌي صحافت جو بنيادي پٿر رکيو ويو. ان سال سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان پهرين اخبار ڪراچيءَ مان جاري ٿي . اها هفتيوار اخبار فارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ ڪڍي ويئي هئي. ان اخبار جو نالو "فوائد الاخبار" هو ۽ ٢٥ مئي ١٨٥٨ع کان نڪتي هئي. ان اخبار ۾ زراعت، سائنس، تاريخ ۽ تعليم تي مواد ڇاپيو ويندو هو ۽ گورنمينٽ پريس ۾ ڇپبي هئي. ان کان پوءِ سال ١٨٦٠ع ۾ سکر ۾ سڀ کان پهرين پريس قائم ڪئي ويئي. اها ليٿو پريس هئي ۽ ان جو نالو "مطلع خورشيد" هو ۽ اها ڪراچيءَ جي ليٿو پريس "مفرح القلوب" جي مالڪ مرزا مخلص علي جاري ڪئي هئي. ان پريس مان مرزا مخلص علي پارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪئي جنهن جو نالو "مطلع خورشيد" هو. ١٨٥٨ع ۾ ڪراچيءَ کان نڪتل "فوائد الاخبار" ۽ ١٨٦٠ع ۾ سکر کان نڪتل "مطلع خورشيد" اخبارن سنڌ ۾ سنڌي صحافت جو بنياد وڌو. ان کان پوءِ ١٨٦٦ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نمبر ٽيون پراڻي اخبار "سنڌسڌار" نڪتي. هي اخبار تعليم کاتي پاران ڪڍي ويئي هئي. تعليم کاتي پاران قائم ڪيل ليٿو جي ڇاپخاني ۾ ڇپبي هئي ۽ تعليم کاتي جي عملدارن توڙي عام ماڻهن ۾ نهايت مقبول هئي (٢).

اهڙيءَ ريت تعليمي ۽ تمدني پروگرامن جي اضافي سان سنڌ اندر طباعت ۽ اشاعت جي عمل ۾ خاطر خواه اضافو ٿيو ۽ ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور جهڙن وڏن شهرن ۾

---

(١) پٺاڻ، الهرکيو. سنڌي طباعت ۽ اشاعت جي تاريخ. ايم فل لائبرري سائنس لاءِ پيش ڪيل مقالو. سنڌ يونيورسٽي ١٩٨٠ع ص٧٨ ۽ ٨٣.

(٢) ايضاً ص ٨٧ ۽ ٩٠.

پريسون ۽ اشاعت گهر قائم ٿيا. ڪيترين نيون سنڌي اخبارون جهڙوڪ سنڌ مدرسي ڪراچيءَ مان "معاون مجمع" ۽ مرزا محمد صادق جي "معين الاسلام" وغيره نڪتيون. اهو ئي پس منظر هو جو سنڌ اندر سنڌي اخبار نويسي ۽ رسالن ڪڍڻ جو رواج پيو ۽ اهو جذبو ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو.

نومبر ١٨٩٠ع کان حيدرآباد مان نڪتل ماهوار رسالي "سرسوتي" سان سنڌي ٻوليءَ ۾ رسالن ڪڍڻ جو پختو بنياد پيو. ان کان پوءِ سوين سنڌي رسالا نڪتا ۽ بند ٿي ويا. هن وقت اسين انهن جا نالا پڙهي رهيا آهيون. هزار جتن ڪجن ته تڏهن به انهن سڀني جو ڪنهن هڪ هنڌ ملڻ مشڪل ٿي پيو آهي. سنڌ اندر ڪن لائبررين خاص ڪري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لائبريريءَ ۾ انهن جو چڱو تعداد گڏ ڪيو ويو آهي ۽ باقي جي لاءِ به ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪتل اهڙن پراڻن توڙي نون رسالن جو ذڪر ڪري انهن تان وقت جي گرد لاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

# باب ٻيو

## ورهاڱي کان اڳ نڪتل رسالا

### 1890 سرسوتي ماهوار حيدرآباد

هي رسالو سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪتل پهريون رسالو آهي. هن رسالي کي سنڌي ادب جي رسالن جو بنياد وجهندڙ چئجي ته به برابر ٿيندو. هي رسالو هندو سوشل ريفارم ايسوسيئيشن جي سهاري هيٺ نومبر ١٨٩٠ع کان نڪتو. ساڌو هيرانند هن جو ايڊيٽر هو ۽ هيءُ ادبي تعليمي ۽ سماجي قسم جو مواد پيش ڪندو هو. هن رسالي ۾ وقت جي برک ليکڪن جا مضمون، آکاڻيون، مقالا ۽ شعر ڇپبا هئا. هن رسالي سنڌي ادب جي لڳاتار پنجويهه سال بيش بها خدمت انجام ڏني، هي رسالو يونين اڪيڊمي ٻاران قائم ڪيل پريس ۾ ڇپبو هو جا ليٿو جي پريس هئي ۽ حيدرآباد جي آڱرين ڳڻين پريسن مان هڪ هئي. بشير احمد ميمڻ پنهنجي مضمون ”سرسوتي پهرين سنڌي مخزن“ جي جي عنوان هيٺ لکي ٿو ته هي رسالو ٦ نومبر ١٨٩٠ع کان سڌار سڀا جي سهاري هيٺ نڪتو. شروع ۾ ليٿو ۾ ڇپبو هو. مگر گهڻي وقت کان پوءِ ٽائيپ ۾ ڇپجڻ لڳو ۽ آخري وقت ۾ ”هندو سوشل ريفارم ائسوسئيشن“ جي سهاري هيٺ نڪرندو هو. (١)

### سڌار پتريڪا ماهوار حيدرآباد

هي رسالو به هندو سوشل ريفارم ايسوسيئيشن جي سهاري

---

(١) ميمڻ، بشير احمد، ”سرسوتي پهرين سنڌي مخزن“ روزانه عبرت ٦ نومبر، ١٩٧٠ع ص ٣.

مرحوم غلام محمد ڀرڳڙي الامين اخبار جاري ڪئي جنهن جو ايڊيٽر مرحوم محمد هاشم "مخلص" مقرر ٿيو. ڪجهه وقت کان پوءِ ڪن اختلافن جي ڪري مخلص صاحب الامين جي ايڊيٽري ڇڏي پنهنجو هڪ رسالو ڪچڪول نالي ١٩١٩ع کان جاري ڪيو. هي علمي ۽ ادبي رسالو هو ۽ منجهس ظرافت تي به مواد ڇاپيو ويندو هو. ٻه سال کن هلي بند ٿي ويو.

## 1920ع— روح رهاڻ ماهوار حيدرآباد

هي رسالو ڄيٺمل ڀرسرام سنڌ ۾ ٿياسافيءَ کي زور وٺائڻ خاطر ١٩٢٠ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. مرزا نادر بيگ هن رسالي جو نائب ايڊيٽر هوندو هو. هي رسالو ١٩٢٩ع تائين باقائدگيءَ سان نڪرندو هيو. پر پوءِ ڄيٺمل ڀرسرام ان کي هفتيوار ڀارتواسي اخبار سان ملائي ڇڏيو. هن رسالي ۾ تعليمي، ادبي، سماجي ۽ مذهبي مواد ڏنو ويندو هو.

## ٥ اسڪول مخزن ماهوار جيڪب آباد ۽ حيدرآباد

هي ماهوار تعليمي رسالو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ضلع سرحد جي ڪوشش سان ١٩٢٠ع کان نڪرڻ لڳو. هن ۾ مذهبي، اخلاقي ۽ تعليمي مضمون پوندا هئا. نظم ۽ معلوماتي خبرون به ڏنيون وينديون هيون. هي رسالو ڪمشنرس پرنٽنگ پريس ڪراچي ۾ ڇپبو هو. ڪجهه وقت کان پوءِ هي رسالو حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج فارمين سان نڪرڻ لڳو. هن ۾ تعليمي سرگرمين بابت خبرون ڏنيون وينديون هيون.

## 1922ع— سيتا مخزن ماهوار حيدرآباد

هي رسالو ١٩٢٢ع يا ان کان اڳ جو نڪتل آهي. آچاريه گدوائي رسالي جو مهتمم ۽ روح روان هو. هي مذهبي رسالو هو.

## سنڌ ڪوآپريٽر ماهوار حيدرآباد

هي رسالو سنڌ ڪو آپريٽو انسٽيٽيوٽ رسالا روڊ حيدرآباد جي سهاري هيٺ ١٩٢٢ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي ٻن ٻولين سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ نڪرندو هو. هن رسالي جاري ڪرڻ جو اصل مقصد سنڌ ۾ ڪوآپريٽو تحريڪ جي پرچار ڪرڻ هو. هي رسالو انسٽيٽيوٽ جي ميمبرن کي مفت ڏنو ويندو هو. هي رسالو ڪجهه وقت هلي بند ٿي ويو ۽ وري جنوري ١٩٣٦ع کان نڪرڻ لڳو ۽ ورهاڱي کان پوءِ به نڪرندو رهيو. هن پرچي جا مختلف ايڊيٽر رهيا. ورهاڱي کان اڳ راءِ بهادر پريتمداس ڪوسترا ۽ حشمتراءِ ميرچنداڻي رسالي جا ايڊيٽر ۽ روح روان هئا. ورهاڱي کان پوءِ هي رسالو ١٩٥٩ کان نڪرڻ لڳو ۽ ساڳي آب تاب سان نڪتو ۽ مرحوم مقبول پٺي ايڊيٽر ٿيس. ورهاڱي کان اڳ ٻن ٻولين سنڌي ۽ انگريزي ۾ نڪرندو هو ۽ پوءِ ان ۾ اردو ٻوليءَ جو اضافو ڪيو ويو. ڪوآپريٽو تحريڪ تي مواد سان گڏ ادبي مضمون ۽ شعر شاعري به ڏني ويندي هئي. هي رسالو پريمئر پريس حيدرآباد نيشنل پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد، بلونسڪي پريس حيدرآباد وغيره ۾ ڇپجندو هو.

## ديش مترِ ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار با تصوير رسالو مارچ ١٩٢٢ع کان نڪرڻ لڳو. ڪيمچند ڏيئا رام واسواڻي رسالي جو ايڊيٽر هو. رسالي ۾ بزرگن، سائين لوڪن، اوليائن، صوفين، شاعرن ۽ ٻين نامور ماڻهن جا جيون چرتر، سنڌن وچن ۽ شعر ۽ ڌرمي، راڄنيتي، ٻنگتي، تعليمي، طبي، تجارتي ۽ ٻيون عام ملڪي خبرون ڏنيون وينديون هيون. هي رسالو پارتواسي پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

## سنسار چڪر ماهوار سکر

هي ماهوار با تصوير رسالو سنڌ جي مشهور ۽ جهوني پبلشر سيٺ هريسنگ اينڊ سنس آگسٽ ١٩٢٢ع کان ڪيڻ

رکن ٿا. هيءُ رسالو چندن اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو هو.

## 1929ع— ٽنڊوگيان ماهوار ڪراچي

هيءُ رسالو ”شري ويدانت پرڪاشڪ منڊل“ پاران ١٩٢٩ع ۾ نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي ۾ اڪثر ويدانت تي مضمون ۽ شعر پوندا هئا. ساڌو ليلارام رسالي جو ايڊيٽر هو. خالص مذهبي رسالو هو.(١)

## 1930ع— علمي دنيا ماهوار ڪراچي

هي رسالو حاجي ميرمحمد بلوچ مالڪ ليٿو ۽ ٽائيپ پرنٽنگ پريس جي سرپرستي ۽ مشهور ليکڪ قاضيعبدالرزاق احمد جي ايڊيٽري ۾ جنوري ١٩٣٠ع کان اولڊ جيل روڊ ڪراچي کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن باتصوير رسالي ۾ علمي، ادبي، تاريخي، مذهبي مضمونن سان گڏ دل وندرائيندڙ قصا، افسانا ۽ سبق آموز سلسلہ وار ناول ۽ شعر ڇاپيا ويندا هئا. ڪجهه وقت نڪري بند ٿي ويو ۽ قاضي صاحب وري اپريل ١٩٣٣ع ۾ ماهوار ڪاميابي ڪڍڻ شروع ڪيو. هيءُ رسالو ليٿو اينڊ ٽائيپ پرنٽنگ پريس اولڊ جيل روڊ ڪراچي ۾ ڇپيو هو.

## رام مئگزن ماهوار ڪراچي

هي ادبي ۽ معلوماتي مخزن جنوري ١٩٣٠ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. رامچند تهلرام دادونواسي نئين گلي مارڪيٽ ڪراچي مان ڪڍندو هو. ادبي، مذهبي مضمون، ڪهاڻيون، شعر قسطوار ناول ۽ ملڪي واءُ سواءُ به ڏنو ويندو هو. هي رسالو ايمپائر پرنٽنگ پريس ڪراچي ۾ ڇپيو هو.

---

(١) پٺاڻ، درمحمد. ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ. ڊي فل سنڌي لاءِ پيش ڪيل مقالو سنڌ يونيورسٽي ١٩٧٨ع ص ٤١٢

## گلزار ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار رسالو محمد صديق محمد يوسف سيمڻ جي سرپرستي ۽ ايڊيٽري هيٺ ١٩٣٠ع کان نڪرڻ لڳو. هن رسالي ۾ تعليمي ادبي ۽ تاريخي مضمون ڇپوندا هئا. هي رسالو خاص اسڪولي ٻارن لاءِ ڪڍيو ويو هو ۽ تعليم کاتي ٻاران منظور ٿيل هو. ٻارن ۾ مطالعي جي عادت وجهڻ لاءِ سٺو ڪم ڪيائين. هيءُ رسالو اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد ۽ مسلم ادبي پريس ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

## المنار ماهوار سکر

هي رسالو عبدالوحيد جي ايڊيٽري هيٺ ١٩٣٠ع کان نڪرڻ لڳو. هيءُ ادبي ۽ معلوماتي رسالو پير حسام الدين راشدي سيد محمد علي شاه ۽ حافظ عبدالمجيد جي گڏيل ڪوشش سان نڪتو ۽ پوءِ هفتيوار اخبار جي صورت اختيار ڪيائين. حافظ عبدالمجيد کي پنهنجي پريس به هئي.

## گلستان ماهوار حيدرآباد

١٩٣٠ع يا ان کان اڳ مسٽر شيوڪ ٻي. سونواڻي پنهنجن ساٿين سان گڏجي ”ٻالڪن جي ٻاري“ نالي ادارو برپا ڪيو ۽ ٻارن جي سکيا ۽ وندر لاءِ ٻاري جي سهاري هيٺ ”گلستان“ نالي هڪ رسالو جاري ڪرايائين، جنهنجو ڪجهه وقت ايڊيٽر پاڻ هو. رام ٻاونداس به رسالي جو ايڊيٽر رهيو. هن رسالي ٻارن جو اخلاقي ۽ تعليمي معيار بلند ڪرڻ ۾ سٺو ڪردار ادا ڪيو. هن رسالي ۾ زرعي معلومات جو مواد به ڏنو ويندو هو. زراعت کاتي وارن جو تعاون حاصل هئس ٿي سال هليو ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويو پر خرچ جو بار نه سهي ٽن سالن کانپوءِ موڪلايائين.

## لطيف ٻاري مخزن ساليانو حيدرآباد

هي ساليانو مخزن حيدرآباد نيشنل ڪاليج مان پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي رهبري هيٺ نڪرندي هئي. هن مخزن ۾ شاعرن جي سرتاج شاه عبداللطيف ڀٽائي جي سوانح ۽ شاعري تي مضمون پوندا هئا. ۱۹۴۶ع ۾ ان جو آخري پرچو نڪتو.

## زرعي پرچو ڪراچي

سنڌ جي زرعي ڪاتي پاران آبادگارن جي ڀلائي ۽ معلومات لاءِ هي پرچو جنوري ۱۹۳۱ع کان نڪرڻ لڳو. هي سرڪاري پرچو هو ۽ آبادگارن جي حالت سڌارڻ لاءِ سٺو ڪم ڪيائين. پهريائين ڪمشنر پريس ۾ ڇپبو هو. پر سنڌ جي بمبئي کان جدائي کان پوءِ ساڳي پريس جو نالو بدلجي سنڌ سرڪار جي پريس ٿيو ته رسالو ان مان نڪرڻ لڳو.

## ٻال متر ماهوار ڪراچي

ٻارن جو هي ماهوار باتصوير رسالو "يونيورسل چلڊرين ڪلب" پاران مارچ ۱۹۳۱ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي رسالو سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ نڪرندو هو. ڀڳوانداس سي. ٽڏاڻي رسالي جو ايڊيٽر هو. ٻارن لاءِ ننڍڙيون عمديون تعليمي، اخلاقي آکاڻيون ۽ نظم رسالي ۾ پوندا هئا.

## طالب علم ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو جون ۱۹۳۱ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي اسڪولي ٻارن لاءِ ڪڍيو ويو ۽ منجهس استادن ۽ اديبن جون ننڍڙيون نصيحت آموز آکاڻيون، عام معلومات جو مواد ۽ ملڪي خبرون پونديون هيون. مولانا خيرمحمد نظاماڻي هن رسالي جو ايڊيٽر هو.

## 1932ع— سنڌو ماهوار ميان جو ڳوٺ شڪارپور

مسٽر ٻولچند وسو مل راڄپال شڪارپور جي ڀرسان هڪ

ننڍڙي ڳوٺ ۾ ۱۹۳۱ع ۾ "سنڌو ساهت" منڊل قائم ڪري ۱۹۳۲ع کان هي رسالو جاري ڪيو. پاڻ رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ هر مهيني برک عالمن ۽ اديبن جا مضمون ۽ مقالا پوندا هئا. رسالي ۽ ٻين ڪتابن جي ڇپائي لاءِ مسٽر بولچند ڳوٺ ۾ راڄپال پريس به قائم ڪئي هئي. جون ۱۹۳۹ع کان هي رسالو جيڪب آباد مان نڪرڻ لڳو ۽ اتي ڀارت پريس ۾ ڇپبو هو.

پهرين جنوري ۱۹۴۲ع کان رسالي سنڌو ۽ ڀارت پريس جو ڪاروبار هڪ بورڊ جي حوالي ٿيو. بولچند راڄپال بورڊ جو چيئرمن ٿيو ۽ ساڌو داس انجو سيڪريٽري ٿيو. اهڙيءَ طرح سنڌو ساهت منڊل جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي ويئي ۽ سمورو ڪاروبار ڇهن ٽرسٽين جي حوالي ٿيو. هي رسالو ورهاڱي تائين نڪرندو رهيو ۽ سنڌ جي برک ليکڪن هندو توڙي مسلمانن جا مضمون، مقالا، شعر رسالي ۾ پوندا هئا. ان کان علاوه ڪجهه صفحا زميندارن جي ڀلائي لاءِ به مخصوص ٿيل هوندا هئا.

## روزگار ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو جون ۱۹۳۲ع کان راسباغ گاڏي کاتي ڪراچي کان نڪرڻ لڳو. هن رسالي ۾ بي روزگاري کي ختم ڪرڻ لاءِ مواد ڏنو ويندو هو. علم ۽ هنر جا بهترين نسخا ڇاپيا ويندا هئا. گهرو هنرن کي همٿائڻ لاءِ رسالي سٺو ڪم ڪيو. رسالو ايمپاير پرنٽنگ پريس ڪراچي ۾ ڇپبو هو.

## صوفي ماهوار لاڙڪاڻو

هي ماهوار ادبي رسالو ۱۹۳۲ع کان مشهور اديب ۽ شاعر آغا غلام نبي "صوفي" جي سرپرستي ۽ تعاون مان نڪتو رسالي جو ايڊيٽر قسمت ٽي. جڳاڻي هو. رسالي ۾ ادبي مضمون ۽ شعر ڇپبا هئا.

## آنند ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو ڪندنمل ڏيپچند شوداساڻي جي ايڊيٽري ۽ سرپرستي هيٺ ۱۹۳۵ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي علمي ۽ ادبي رسالو هو.

## شانتي ماهوار ڪراچي

هي ماهوار رسالو لالچند جي - مير چنداڻي جي ايڊيٽري هيٺ ۱۹۳۵ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هي به هڪ علمي ۽ ادبي رسالو هو.

## ميران ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار ادبي، ثقافتي ۽ تعليمي رسالو ۱۹۳۵ع کان ميران هاءِ اسڪول حيدرآباد جي سهاري هيٺ نڪرڻ لڳو. گنگا رام سمنداس هنجو ايڊيٽر هو. رسالي جا ٻه حصا هئا. هڪ سنڌي ۽ ٻيو انگريزي. سنڌي حصي ۾ عمدا بيت، شعر، آکاڻيون ۽ مضمون پوندا هئا. ان کان علاوه ملڪي خبرون به ڏنيون وينديون هيون. هندو رشين ۽ سنتن جي سکيا وغيره تي مواد به ڇاپيو ويندو هو.

## هندو وير ماهوار سکر

هي ماهوار رسالو "شري سناتن ڌرم يوڪ سڀا" سکر پاران هندو ڌرم جي وڌاري ۽ تبليغ لاءِ اپريل ۱۹۳۵ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. گوپالداس ايم - ورما رسالي جو ايڊيٽر هوندو هو. خالص مذهبي رسالو هو ۽ منجهس هندو ڌرم ۽ هندو آدرش تي عمدا مضمون پوندا هئا، رسالي ۾ رنگين تصويرون به ڏنيون وينديون هيون. سڀئي ادبي مضمون، شعر، حالات حاضره جون خبرون ۽ ٽوٽڪا شايع ڪيا ويندا هئا. هي رسالو تلڪ پرنٽنگ پريس فريئر روڊ سکر ۾ ڇپبو هو. رنگين تصويرون گيتا پريس گورکپور ۽ ٻين پريسن مان ڇپرائيندا هئا.

۽ 'ڪاميابي' ڪان پوءِ هي ماهوار رسالو ڪراچيءَ مان ڪڍيو ۽ هن ۾ ادبي، تاريخي ۽ مذهبي مواد شايع ڪيو ويندو هو.

## تعليم الاسلام ماهوار شڪارپور

هي ماهوار مذهبي رسالو مولوي عبدالفتاح ڪوسو جي ايڊيٽري ۾ مارچ ١٩٣٦ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي ۾ قرآن مجيد، احاديث نبويﷺ ۽ صالحين جي تعليم تي مبني مواد ڏنو ويندو هو. هن رسالي ۾ شرعي مسئلن جون فتوائون ۽ اسلامي تاريخ مان سبق به ڏنا ويندا هئا. غير شرعي رسمن کي ننديو ويندو هو. هن اداري مان اسلامي ڪتاب شايع ڪيا ويندا هئا. هي رسالو ڪرشنا پرنٽنگ ۽ لٿو ورڪس ليوڪس پارڪ، سکر ۽ شيام آفسٽ ليٿو ورڪس، ڪراچيءَ ۾ ڇاپيو ويندو هو.

## معارف ماهوار نواب شاهه

هي رسالو عبدالخالق ڪنڊياروي جي سرپرستي ۽ ايڊيٽري هيٺ ١٩٣٦ع مارچ کان نڪرڻ شروع ٿيو. خالص مذهبي رسالو هو. ۽ منجهس قرآن، حديث، اسلامي تاريخ، فقه وغيره سان واسطو رکندڙ مضمون ڇاپيا ويندا هئا. ملڪي خبرون به ڏنيون وينديون هيون. هي رسالو سکر جي مختلف پريسن ۾ ڇپبو هو. جن ۾ سري ڪرشنا لٿو ۽ پرنٽنگ پريس به شامل آهي.

## فلم نيوز ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار مخزن سال ١٩٣٦ع کان منگهارام سي ملڪاڻي جي ايڊيٽري ۽ سرپرستي هيٺ نڪرڻ لڳو. هن ۾ هر مهيني وندرائيندڙ آکاڻيون، مزيدار گفتا، فلمي دنيا جون خبرون پونديون هيون. هن ۾ فلمي ايڪٽرن ۽ ايڪٽريسن جون تصويرون به ڏنيون وينديون هيون. ڏياري ۽ هولي وغيره تي خاص پرچا ڪڍيا ويندا هئا. هن اداري پاران ڪجهه ڪتاب به شايع ڪيا ويا.

## اديب سنڌ ماهوار لاڙڪاڻو

لاڙڪاڻي ۾ حاجي محمود خادم ۽ قادري خاندان جي فردن ميان علي محمد قادري ۽ ميان عباس قادري "جوش" جي ڪوشش سان سنڌي ادب ۽ زبان جي واڌاري لاءِ هڪ انجمن "سنڌي سڌار سوسائٽي" ١٩١٥ع کان قائم ٿيل هئي - انهيءَ سوسائٽي جي سهاري هيٺ اپريل ١٩٤١ع کان هڪ ادبي رسالو "اديب سنڌ" نالي جاري ڪيو ويو - هي رسالو حاجي علي محمد قادري متوفي ١٩٤١ع جي ياد ۾ ڪڍيو ويو هو - رسالي جو ايڊيٽر وقت جو مشهور اديب ۽ شاعر ماستر جمع خان "غريب" هو هي رسالو ورهاڱي کان پوءِ به نڪرندو رهيو ۽ سنڌي ادب جي زبردست خدمت ڪيائين - قادريه پريس لاڙڪاڻو ۽ مدينه پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو وغيره ۾ ڇپجندو هو -

## گل ڦل ماهوار ڪراچي

هي رسالو ميلا رام منگترام واسواڻي پنهنجي اشاعتي اداري "سندر ساهتيه منڊل" پاران ١٩٤١ع ۾ خاص ٻارن لاءِ ڪڍڻ شروع ڪيو هن ۾ ٻارن لاءِ آکاڻيون مضمون ۽ شعر ٿيندا هئا - هي باتصوير رسالو هو ۽ ورهاڱي تائين نڪرندو رهيو هي رسالو هندستان پريس ڪراچي ۾ ڇپبو هو (١)

## هندو ساهتيه ماهوار سکر

هي رسالو سيٺ گرداس مل راءِ صاحب گوڪلداس سيٺ هريرام ۽ مهاشيه کيمچند جي سهڪارسان سيپٽمبر ١٩٤١ع کان نڪرڻ شروع ٿيو - هن جو لاڙو ڌرم ڏانهن هو پر منجهس قومي ۽ سماجي مضمون به ٿيندا هئا - لعل چند آريه رسالي جو ايڊيٽر هو ۽ تلڪ پريس فريئر روڊ سکر ۾ ڇپبو هو -

---

(١) پٺاڻ، در محمد، ڪراچي ضلعي جي ادبي تاريخ.
پي ايڇ ڊي لاءِ پيش ڪيل مقالو سنڌ يونيورسٽي ١٩٧٨ع ص ٤١٧

تعليم، سائنس ۽ اخلاقيات تي مضمون، لنڊڪا چٽڪا، شعر ۽ ڪهاڻيون وغيره ڏنيون وينديون هيون. رسالي جا ڪل ١٦-١٧ صفحا هوندا هئا.

## هندو ٽرئڪٽ مالها ماهوار ڳڙهي ياسين

هي ماهوار ٽرئڪٽن جي صورت ۾ ڳڙهي ياسين کان نڪتو. هي رسالو ٽيهن ٽيٽيهن صفحن تي مشتمل هوندو هو. سنديس ساليانو چندو سوا روپيو هوندو هو.

انهن کان علاوه سال ١٩٢٥ع ۾ هفتيوار اخبار "الحنيف" ۾ هيٺين خبر شايع ٿي هئي ته "تبليغ" نالي ٽماهي رسالا خيرپور ناٿن شاهه ۽ ٽنڊو الهيار مان نڪرڻ وارا آهن، جيڪي اهلسنت والجماعت جي عقيدن موجب سنڌ ۾ تبليغ جاري رکندا (١). خبر نه آهي ته اهي رسالا نڪتا به يا نه. سال ١٩٢٠ع ۾ يا ان کان اڳ قائم ٿيل جارج پرنٽنگ پريس حيدرآباد جي مالڪ ولبرام ڀيٽائي جي ايڊيٽري هيٺ "سٽوڊنٽ" جي عنوان سان هڪ پرچو ١٩٢٤ع کان نڪتو. هن ۾ شاگردن جي ڀلائي لاءِ مواد ڏنو ويندو هو. هي پرچو راقم کي ملي نه سگهيو آهي.

---

(١) الحنيف هفتيوار شڪارپور ١٦ آڪٽوبر ١٩٢٥ع ص ١٠.

# ورهاڱي کانپوءِ نڪتل رسالا

## مؤذن پندره روزه حيدرآباد

هي رسالو مولوي خير محمد نظاماڻي سيپٽمبر ١٩٤٨ع کان ڪين شروع ڪيو - هن رسالي جاري ڪرڻ جا ٻه مکيه مقصد مقرر ڪيا ويا هئا. هڪ ته مسلمانن کي اسلامي تعليم ۽ اصولن تي هلڻ جو سبق ڏيڻ ۽ ٻيو پاڪستان ۾ اسلامي آئين ۽ قرآني قانون جاري ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ هئا - هي رسالو آفتاب پرنٽنگ پريس شاهي بازار حيدرآباد ۾ ڇپبو هو-

## عصر نو ماهوار حيدرآباد

هي رسالو لعل بن يوسف جي ايڊيٽري ۽ سرپرستي هيٺ ڊسمبر ١٩٤٨ع کان ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد مان نڪتو- هن ۾ علمي، ادبي معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو - ان کان علاوه رسالي ۾ دلچسپ معلوماتي خبرون به ڏنيون وينديون هيون. هي رسالو آفتاب پرنٽنگ پريس شاهي بازار حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

## اطلاعات سنڌ هفتيوار ڪراچي

هي باتصوير رسالو ڊائريڪٽوريٽ آف پبلسٽي ۽ پبلڪ رليشن سنڌ طرفان ١٤ آگسٽ ١٩٤٨ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. علاؤالدين محمد يونس خان سمون رسالي جو ايڊيٽر ۽ قاضي عبدالحي ”سليم“ هالائي سندس اسسٽنٽ ايڊيٽر هئا - هن رسالي ۾ صوبائي ۽ مرڪزي حڪومتن جي ڪارڪردگي، عام خبرون ادبي، تاريخي ڪهاڻيون ۽ شعر ڇپبا هئا - هي رسالو هر ڇنڇر تي نڪرندو هو ۽ سنڌ گورنميٽ پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو.

## نئين زندگي ماهوار ڪراچي

هي باتصوير رسالو پاڪستان پبليڪيشن پاران آڪٽوبر ١٩٤٨ع کان نڪتو - هن رسالي جو سنڌي ادب ۾ هڪ خاص مقام آهي سنڌ جا مشهور اديب جهڙوڪ عبدالواحد سنڌي ۽ شمشيرالحيدري هن رسالي جا ايڊيٽر رهي چڪا آهن هن رسالي ۾ ادبي،

۾ تاريخي، مذهبي، ادبي ۽ تحقيقاتي مضمون ۽ مقالا شايع ڪيا ويندا هئا. تمام معياري رسالو ٿي نڪتو مگر ٿورو وقت هلي بند ٿي ويو.

## مغل طبي ميگزين ماهوار حيدرآباد

هي رسالو حڪيم مرزا علي احمد ولد ڊاڪٽر محمد خان مغل، جوائنٽ سيڪريٽري سنڌ طبيہ ڪاليج جي ڪوشش ۽ ايڊيٽري هيٺ مئي ١٩٥٦ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. جديد ۽ قديم طب جي مختلف پهلوئن تي عمدو سواد ڇپيو ويندو هو. ان کان علاوه مختلف بيمارين، انهن جي بچاءَ جي طريقن ۽ علاج بابت به معلومات ڏني ويندي هئي. طبي سوال جواب بہ ڏنا ويندا هئا. هي رسالو اسلاميہ پرنٽنگ پريس ۾ ڇپيو ويندو هو.

## فلم هفتيوار حيدرآباد

هي باتصوير فلمي پرچو مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي پنهنجي هفتيوار سلسلي عبرت جي سهاري هيٺ ٢٩ جون ١٩٥٦ع کان ڪڍڻ شروع ڪيو. ايس - ايم اسماعيل هن پرچي جو ايڊيٽر ۽ راٺو اسسٽنٽ ايڊيٽر هو. هر هفتي فلمي خبرون، تصويرون ۽ ٻيو تفريحي سواد ڏنو ويندو هو. هي رسالو اسلاميہ پرنٽنگ پريس لڳ زنانہ اسپتال الهندو ڪچو حيدرآباد ۾ ڇپيو ويندو هو.

## هدايتہ الاخوان ڳوٺ ڳاڙهي موري

هي رسالو سومرا ايسوسيئيشن سنڌ جي سهاري هيٺ ١٩٥٦ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. غلام قادر سومرو ۽ صاحبڏنو سومرو هن رسالي جا ايڊيٽر رهيا. هن رسالي ۾ سومرا تاريخ ۽ شجري سان گڏ علمي، ادبي، تاريخي ۽ معلوماتي سواد ڏنو ويندو هو. ميان صاحبڏنو سومرو هن رسالي جو سرپرست ۽ سرگرم ڪارڪن هو. رسالي ۾ سٺا شعر بہ ڏنا ويندا هئا. هي رسالو منگي آرٽ پريس لوڪس پارڪ سکر ۾ ڇپيو هو.

## شاعر ۾ ماهي حيدرآباد

هي رسالو انجمن علم ادب هالا جي سهاري ۽ مخدوم طالب المولى جي سرپرستي هيٺ جون ١٩٥٦ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. مرحوم غلام محمد گرامي هن رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي جو پهريون پرچو "موسيقي نمبر" جي نالي سان نڪتو ۽ ان ۾ راڳ موسيقي جي باري ۾ نهايت عمدو مواد شايع ٿيو. هي رسالو ٻن پرچن کان پوءِ ٽه ماهي ٿيو. هن ۾ عمدو ادبي ۽ معلوماتي مواد شايع ٿيندو هو. هي رسالو سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد ۽ ناطق سنڌ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

## فلمي دنيا ماهوار حيدرآباد

هي باتصوير رسالو نومبر١٩٥٦ع کان سولجر بازار حيدرآباد مان نڪرڻ لڳو. اميرعلي شيخ رسالي جو چيف ايڊيٽر، ايم. اقبال بروهي ۽ ممتاز مرزا سب ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ رنگين تصويرون ۽ فلمي دنيا بابت سڀ تفريحي ۽ معلوماتي مواد ڏنو ويندو هو. ڪجهه ادبي مضمون، ڪهاڻيون ۽ شعر وغيره به ڏنا ويندا هئا. هي رسالو سعيد آرٽ پريس، رسالا روڊ حيدرآباد ۽ تاج محل پريس شاهي بازار حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

## هلال پاڪستان جو ماهوار ايڊيشن حيدرآباد

روزانه هلال پاڪستان حيدرآباد پاران هي ماهوار ايڊيشن نومبر ١٩٥٦ع کان نڪتو. هي با تصوير علمي، ادبيَ ۽ معلوماتي پرچو هو. مرحوم عبدالشڪور منشي هن جو سرپرست ۽ محمد بخش "جوهر" سنڌس ايڊيٽر هو. هي ايڊيشن نيو هلال پاڪستان پرنٽنگ پريس ۾ ڇپبو هو.

## بادل ماهوار رتوديرو

هيءُ رسالو ١٩٥٦ع ۾ رتو ديرو ضلعو لاڙڪاڻو مان نڪرڻ لڳو. هي خالص فلمي پرچو هو ۽ سنجهس فلمي مضمون

ڊراما، فلمي اداڪارن جون تصويرون ۽ ٻيو تفريحي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو.

## 1957ع— مارئي ماهوار حيدرآباد

هي رسالو مرحومہ بيگم زينت عبدالله چنہ جي سرپرستي ۽ ايڊيٽري هيٺ فبروري ١٩٥٧ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. سنڌي عورتن ۾ علمي، ادبي ۽ سماجي بيداري پيدا ڪرڻ ۾ هن رسالي شاندار ڪم ڪيو. چار پنج سال ڪاميابيءَ سان هليو پر پوءِ اطلاعات کاتي جي اڻبڻت جي ڪري بند ٿي ويو. وري ١٩٧٠ع ۾ وڏي سائيز ۾ هفتيوار ٿي نڪتو پر سگهوئي مالي مشڪلاتن جي ڪري بند ٿي ويو. هي رسالو خالص ادبي ۽ معلوماتي هو ۽ تاج محل پريس حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد، پايونير پريس حيدرآباد ۽ زينت پرنٽرس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

## 1958ع— روشني ماهوار ٽنڊومحمد خان

هي ماهوار علمي، ادبي، تاريخي ۽ معلوماتي رسالو ١٩٥٨ع کان نڪتو. غلام علي الانا ”ناشاد“ (هاڻي ڊاڪٽر) هن رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي ڀاران ڪجهہ نمبر بہ نڪتا جهڙوڪ ”امامت نمبر“ ۽ ”تخت نيشني نمبر“ وغيره. هي رسالو سنڌ پرنٽنگ پريس گڊس ناڪہ ۾ ڇپبو هو.

## 1959ع— گل ڦل ماهوار حيدرآباد

ٻارن لاءِ هيءُ باتصوير رسالو سنڌي ادبي بورڊ پاران جنوري ١٩٥٩ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. غلام رباني آگرو سنڌي ادبي بورڊ جو موجوده سيڪريٽري رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ ٻارن جي دلچسپي جو علمي، ادبي، اخلاقي ۽ معلوماتي مواد شايع ٿيندو هو. ڪيترا سال نڪري ١٩٦٦ع ۾ بند ٿي ويو ۽ وري عوام جي اصرار تي جنوري ١٩٧٤ع کان نڪرڻ لڳو.

## ڪاوش پندره روزه حيدرآباد

هي باتصوير رسالو عبرت پبليڪيشن پاران مئي ١٩٨٠ع کان نڪرڻ لڳو آهي. قاضي افضل عابد هن رسالي جو مئنيجنگ ايڊيٽر، قاضي اسد عابد چيف ايڊيٽر ۽ عبدالغني درس ايڊيٽر آهي. هن رسالي ۾ ادبي، معلوماتي ۽ تفريحي مواد ڏنو ويو ٿو. هي رسالو پاپولر پرنٽرس حيدرآباد ۾ ڇپبو آهي.

## سنڌ نيوز ڊائجسٽ ماهوار حيدرآباد

هي ڊائجسٽ روزاني سنڌ نيوز اخبار جي اداري پاران جون ١٩٨٠ع کان نڪرڻ لڳو آهي. اسلم اڪبر قاضي هن ڊائجسٽ جو مئنيجنگ ايڊيٽر ۽ عبدالقادر جوڻيجو سنڌس اعزازي صلاحڪار آهي. هن ڊائجسٽ ۾ ادبي، معلوماتي، تاريخي ۽ تفريحي مواد شايع ٿي رهيو آهي. هي رسالو سنڌ پرنٽنگ ۽ پبلشنگ هائوس گاڏي کاتو ۾ ڇپبو آهي.

## هزارداستان ماهوار حيدرآباد

هي ماهوار ڊائجسٽ عبرت پبليڪشن پاران آگسٽ ١٩٨٠ کان نڪرڻ شروع ٿيو آهي. هن رسالي جو مئنيجنگ ايڊيٽر قاضي اسد عابد آهي. هن باتصوير ڊائجسٽ ۾ ادبي، معلوماتي ۽ تفريحي مواد شايع ڪيو وڃي ٿو. هي رسالو پاپولر پرنٽرس حيدرآباد ۾ ڇپجي رهيو آهي.

## بالڪ ماهوار حيدرآباد

روزاني سنڌ ٽائيمس حيدرآباد پاران هي ماهوار رسالو سيپٽمبر ١٩٨٠ع کان نڪتو آهي. محمد عثمان ڏيپلائي چيف ايڊيٽر، خان محمد پنهور، ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر، نياز پنهور ايڊيٽر آهي. انهن کان علاوه شفيع چانڊيو ۽ امداد سورائي ايڊيٽوريل بورڊ تي شامل آهن. سنڌ يونيورسٽي ۾ قائم ڪيل اشاعتي ادارو سنڌ پبلشرس هن رسالي جو ناشر آهي. پارن لاءِ هي

ادبي ۽ معلوماتي رسالو آهي. هي رسالو اسلاميه پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو آهي. ٻه ٽي پرچا نڪرڻ کان پوءِ جنوري ١٩٨١ع کان ماهوار نئون نياپو ۾ ضم ڪيو ويو آهي.

## مارئي ماهوار حيدرآباد

